Sindhi

1088/9/91

विभाग मंत्रालय
DEPARTMENT/MINISTRY

शाखा
BRANCH

मंत्रणा संग्रह
Consultation/Collection

संख्या
No. 3237

दिनांक
Date 9 - 12

विषय
Subject

पूर्व निर्देश
Previous reference

बाद का निर्देश
Later reference

Tilak Yadgiri
3 copies
S No. 3
3237
Sindhi

# تلڪ يادگيري

تـاهيل ۽ ڇپايـل

**مهراج ڪرپالداس پربن رام شرما**

ڪـوٽـري سـنـڌ.

14 DEC 1931
RECEIVED
IMPERIAL RECORDS

NATIONAL ARCHIVES LIBRARY
No. 3237
Date 4.4.72
GOVT. OF INDIA

مان هيءُ ننڍڙو پستڪ ارپيان ٿو انهن کي
جن صاحبن گذريل ستياگره جنگ ۾ ڪوٽڙيءَ
پاران ڀهرو ورتي تڪليفون سٺيون.

**وطن جو خادم**

**ڪرپال**

**٢٦-٧-٣١**

# ماتا جي پڪار

طرز- ڪيئن وساريان وراڻيون ......

ٿل- ڪيئن وساريان ٿڌڪ سڪيون، مون
ٻچڙيءَ جو آڌار هو.

مون ٻچڙيءَ جو آڌار هو. لاڏلو مون ٻار هو.

١- سچو سورهيه هند جو، وطن سان ويو هليو.
سوراج لاءِ ويو سڪندو. هاءِ اڄ ڏرڪار هو.

٢- هاءِ پاڳيه تو نه مونسان، آهي پالايو پاڪو
لال مٺڻ جو تو لٽايو، ڪهڙو توکي خار هو.

٣- ويا ڇڏائي وير پيارا، پٽ پيائي مون گهٽا
داس، لالا، موتي پيارو. جن سندو خومار هو.

٤- پيڪٽ سنگه، سڪديو، گرو سي ٻه سوريءَ
تي چڙهيا
ڏنيش پيارو هر ڪشن جو اڄان ننڍو ٻار هو.

٥- ٿي وڏو ڪنگال ڀارت، غلاميءَ ۾ مون مٿا
سارِيءَ دنيا وچ ۾ - جنهن لاچار هو.

٦- اُٿي پيارا همت ڌاري، ڪريو آزاد هند کي
تڏڪ پياري تڏهين ڪرپال ڪيو جيل اختيار هو.

ڀڄنا

١- چيٽ ۾ چنتا رکجي سوراج سندي يار
ٻنا سوراج جڳ ۾ جيئڻ آهي ڌڪار
غلامن جي عزت ڪانهي منجهه سنسار
ٿيءُ تنهن ڪري تيار - سوراج وٺڻ لاءِ ادا......

٢- وسا ڪر ۾ واپار ڪر - سر پنهنجي جو ادا
قربانيءَ سان سيکو سکر ماڻي سرو دا
غلام ٻڌائي غلام ٻين کي اهو مثال آهي سدا
ديش جي اونڌي صدا - آزاد ڪر وطن کي....

٣- چيٽ - ۾ چاڙهي ٻڄهي تو ماتر ڀومي ڀلائي

پائڻ ٽيپن ٻڪن ۾ پاھ تون سکہ پوڳين پائي
ھاڻي ٻہ وقت ويو ڪونھي سمجھہ رکہ ڪائي
مئي نصيحت اھائي - ڪر اُڌار وطن سنڌو ........

٤ـ آڪاڙ - ۾ آلس ڇڏي ڪر سديشي پرچار
جو آھي پارت سنڌو سديشي ھٿيار
مٿيو لنگوٽيءَ واري جي پيارا اھا پڪار
لاھيو پاڻ ڌان ميار - نہ ٿيو ديش گھاتڪ اھا ....

٥ـ ساٺو ڻ - ۾ ساوڌانيءَ سان بغاوت ڦھلائي
تہ سوراج منھنجي جنم جو حق اصل ڪان آھي
چاھي وجھو جيل ۾ ڪٽي چاڙھيو ڦاھي
آءٌ ٻہ وطن جا ڳائي - مرند س ھٿند س ڪين ڪي

٦ـ ٻڍ ي - ۾ تيار ٿي بيشڪ ڇڏ موھ سين لاھي
ڇو تہ آھيون قومي فقير سرونس سوراج آھي
سوراج بنا جڳہ ۾ اسانجو ڪو مترنا ھي

اهو پڪو پهه پچائي - گهر جو انهيءَ گهير ۾ ........
٧- اسوءَ - ۾ آسائون چڙ ي اچو جنگي جوڌا
هن دنيا پيارا آهن سرن جائي سودا
پوکيندي رت سان جڙ سوراجه جا پودا
اپرندا تڏ يوڌا - وطن انهن پوتن منجهان
٨- ڪتيءَ - ۾ ڪرم وير ٿي ڪر سر رو قربان
سر ڏيڻ سان مٺا بچندو وطن جو شان
غلام ديش پنهن جو ڪريو آزاد منجهه جهان
رکو وڏن جو نيشان - وير شرومڻي جي هٿا ...
٩- ناهريءَ - ۾ نادانيءَ کان ويو راڄ سارو
هاڻي وقت آهي ڪريون آزاد ملڪ پيارو
ڌار ياتريون ڏيهه مان لٽيو ملڪ جن يارو
کيو اوندهه انڌوڪارو - ساري ڀارت ديش ۾
١٠- پوهه - ۾ پيارا سکه قدر قرباني سند ۽

ستارو يارت سند و جلد چمڪندو

دشمن چاهي ڪيتري اٽڪ وجهندو

سوراج ضرور ملندو — وشواس آهي مون ادا....

١١ — مانگهه — ماري ممتا ٿون ملڪ سڌاوٿائي

گهر ۽ وهڻ ڪين ڪي هاڻ پيارا ڄڳائي

مڙد ذالو پاڻ ڌان نه ته ڇڏ جي ڄاهي

دشمن ڇڏيو گهائي — ڪونڌ ر ڪهائي هند جا....

١٢ — ڦڳڻ — ڦتو ڪر سپ ڪم ڪار جاني

قومي جهنڊي هيٺان ڪر ارپڻ زندگاني

بنا جيت گهر موٽڻ آهي ڪانئر تا نيشاني

اها صلاح لاڻاني - سر وجي پل سرهو ٿئي .......

# ڏينهن

١ — آرتوار - آرام ڇڏي ٿون پير پرجهي پاءِ

مات سنڌ و ڏکڙو جلدي پيارا هٽاءِ
آزادي آڻڻ لاءِ سر ٻه ڪٽي سهساءِ
وطن ڪان وڌ ناهي سر اسانجو اي ادا ..........
٢_ سومر- ڏاهڙو سمجهه يار پنهنجي من
ڪرڻو اٿئي قربان هند ٿان تن من ۽ ڌن
موٽڻو ناهي پوئتي چاهي لڳي مشين گن
هجي سوراڄ لڳن- سدا پنهنجي من ۾
٣_ منگل- مڇ ڀارت جو سوال ڪر پريو آزاد
غلاميءَ کان جيڪر ٿي وڃي برباد
منهنجي سر ڏني جي ٿئي ڀارت شاد
ڪريان جيڪر جهاد- پنهن جي سر سان ٻه ........
٤_ ٻڌر- ٻڌي ڪريو هند ومومن آهيون سڀ ڀائي
ڏاريي آهي اسانهه ڦيٽاري ڄار و ڇائي
ڦاري تنهن ڦٽو ڪري ٿيون آزاد سپاڻي

ٻي واٽ ناهي ڪائي- ٻڌان ايڪتا اي ادا ....

٥ـ وسپٽ- ويساه رکو گانڌيءَ منجهه پيارا
صلاح ڪار جنهن جا سورهيه جوهر لعل پارا
اڪاريند و ٻيڙي پار اهو ڪارائي لاها چاڙها
ملندا سڀ پارا- قربانين جا اي ادا .......

٦ ـ شڪر- ڏينهن شڪر ڪريو جو اهنساٽمتوآهي
ڪري آتم ڏيان مهاتما ڏنو ٻڌائي
ٿيندو اڌار ڀارت جو ضرور اهو ڪوڙ ناهي
ڏپ ڇاڄ لاهي- گهري اڇو گهير ٻر

٧ـ ڇنڇر- ڏينهن ڇڏي غفلت سو راڄ اسان پاڻو
اسان ۽ انگريزن پاڻهه ڇني ڇڏيو ناتو
لاڱاڻون شيطاني پاڻ تان ڪوڙو لباڻو
”ڪرپال“ اڳئي ڄاتو- ٻاروت آهي اڄايو....

١ــ جن کي چاه سوراج جو

تن کي نند ون ڪيئن اچن ؟

٢ــ لعل، ٻال ۽ پال جون

آهون ڪيئن هتن ؟

٣ــ گوکلي، گانڌي، پٽيل جون

پوکون ڏيون ڦچن !

٤ــ آخر صاب پون

قربانيون شهيدن جون ۔

ــ پورو ٿيو ــ

هيءَ چوپڙي مسٽر ڌرمداس آسومل
”هندستان“ ( اليڪٽرڪ ) پرنٽنگ ورڪس
حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپي ۽ مهراج ڪرپالداس پرين
رام شرما ڪوٺريءَ واري ڇپائي پڌري ڪئي .



**مهاشه يوجراج ڏاڙهون مل پارواڻي**

وائيس پريزيڊنٽ - ڪوٽري ڪانگريس ڪاميٽي